SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

# سنڌ ايڪٽ نمبر V مجريه 2003
# SINDH ACT NO.V OF 2003

# سنڌ معاهدي مطابق مقرر ڪيل ڊاڪٽرن جي مستقليءَ بابت ايڪٽ، 2003
# THE SINDH REGULARIZATION OF DOCTORS APPOINTED ON CONTRACT BASIS ACT, 2003

## فهرست (CONTENTS)

تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

2. وصفون
Definitions

3. ڪجهه ڊاڪٽرن جي ملازمت جي مستقلي
Regularization of services of certain doctors

# سنڌ ايڪٽ نمبر V مجريه 2003
# SINDH ACT NO.V OF 2003
# سنڌ معاهدي مطابق مقرر ڪيل ڊاڪٽرن جي مستقليءَ بابت ايڪٽ، 2003
# THE SINDH REGULARIZATION OF DOCTORS APPOINTED ON CONTRACT BASIS ACT, 2003

[20 ڊسمبر 2003]

ايڪٽ جنهن ذريعي ڪانٽريڪٽ بنيادن تي مقرر ڪيل ڪجهه ڊاڪٽرز جي ملازمت ڪي مستقل ڪيو ويندو.

تمهيد (Preamble)

جيئن ته ڪانٽريڪٽ بنيادن تي مقرر ڪيل ڪجهه ڊاڪٽرز جي ملازمت ڪي مستقل ڪرڻ ۽ ان سان لاڳاپيل معاملن لاءِ قدم کڻڻ ضروري ٿي پيو آهي؛

ان ڪي هن ريت عمل ۾ آندو ويندو:

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

1. (1) هن ايڪٽ کي سنڌ معاهدي مطابق مقرر ڪيل ڊاڪٽرن جي مستقليءَ بابت ايڪٽ، 2003 سڏيو ويندو.

(2) هي فوري طور تي لاڳو ٿيندو.

وصفون
Definitions

2. هن ايڪٽ ۾ جيستائين ڪجهه مضمون ۽ مفهوم جي متضاد نه هجي تيستائين:

(a) "ايڪٽ" مطلب سنڌ سرڪاري ملازم ايڪٽ، 1973؛

(b) "سرڪاري ملازم" جي ساڳي معنيٰ آهي، جيڪا ان کي

هن ايڪٽ ۾ ڏنل آهي؛

(c) ”ڪانٽريڪٽ تي ڊاڪٽر جي مقرري“ مطلب ڪانٽريڪٽ بنيادن تي مڪمل قابليت رکندڙ ڊاڪٽر جي مقرري؛

(d) ”حڪومت“ مطلب سنڌ حڪومت؛ ۽

(e) ”عهدو“ مطلب صوبي جي معاملن سان لاڳاپيل حڪومت طرفان جاري ڪيل ڪو عهدو پر ان ۾ شامل نہ آهي اهڙو عهدو جيڪو ڪنهن پروجيڪٽ لاءِ پيدا ڪيو ويو هجي يا اڳوات اهڙي ڪنهن پروجيڪٽ ۾ موجود هجي.

ڪجهہ ڊاڪٽرن جي ملازمت جي مستقلي Regularization of services of certain doctors

3. جيستائين ڪجهہ هن ايڪٽ يا ان سلسلي ۾ جوڙيل قاعدن يا ڪنهن ڊڪري آرڊر يا ڪنهن ڪورٽ جي فيصلي جي متضاد نہ هجي، پر هن ايڪٽ جي پين گنجائشن موجب ڪانٽريڪٽ بنيادن تي هڪ ڊاڪٽر مقرر ڪيو ويو هجي ۽ اهڙي مقرري هڪ سال کان وڌيڪ عرصي لاءِ رکندڙ هجي ۽ هن ايڪٽ جي شروعات کان ملازمت تي آهي، ان کي اهڙي عهدي تي سرڪاري ملازم طور مستقل بنيادن تي هن ايڪٽ جي شروعات واري تاريخ کان مقرر سمجهيو ويندو:

بشرطيڪ اهڙي ڊاڪٽر جي ملازمت جيڪو عهدي لاءِ بيان ڪيل قابليت نہ رکندو هجي، ان کي مستقل نہ ڪيو ويندو.

**نوٽ:۔ ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.**